SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سندھ آرڈیننس نمبر IV مجریہ 1995

SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1995

سندھ ملازمن جو خاص الاؤنس (ادائگي) (ترميم) آرڈیننس، 1995

THE SINDH EMPLOYEES SPECIAL ALLOWANCE (PAYMENT) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1995

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1995
SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1995
سنڌ ملازمن جو خاص الائونس (ادائگي) (ترميم) آرڊيننس، 1995
THE SINDH EMPLOYEES SPECIAL ALLOWANCE (PAYMENT) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1995

[9 آگسٽ 1995]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌايمپلائيز اسپيشل الائونس (ادائگي) ايڪٽ، 1986ء ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

جئين تہ سنڌايمپلائيز اسپيشل الائونس (ادائگي) ايڪٽ، 1986ء ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي جيڪا هن ريت هوندي.

هن کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس نہ هلي رهيو آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1_(1)هن آرڊيننس کي سنڌ ايمپلائيزاسپيشل الائونس (ادائگي)(ترميم) آرڊيننس،1995 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور تي لاگو ٿيندو.

2. سنڌ ايمپلائيزاسپيشل الائونس(ادائگي)ايڪٽ، 1986 ۾ دفعہ 3_A کانپوءِ هيٺن ريت اضافو ڪيو ويندو.

"3_B هر ملازم کي دفعات 3ع۾ 3_A تحت ملندڙ الاوئنسز کانسواءِ ان کي ملندڙ ڏهاڙي جي قطع نظر، سندس ملازمت جي سلسلي ۾ پهرين مئي 1995تي يا ان کانپوءِ کيس سندس مالڪ طرفان هڪ خاص اضافي الائونس هڪ سوروپيا ماهوار برابر ڏنو ويندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.